SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XVIII مجريه 1993

SINDH ORDINANCE NO.XVIII OF 1993

سنڌ جڊيشل اڪيڊمي آرڊيننس، 1993

THE SINDH JUDICIAL ACADEMY ORDINANCE, 1993

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement
2. وصف
Definition
3. اڪيڊمي جو قيام
Establishment of the Academy
4. اڪيڊمي جو ڪم
Function of the Academy
5. بورڊ
Board
6. بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the Board
7. اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers
8. صلاحڪارن، مشيرن وغيره جي مقرري
Appointment of advisers; consultants, etc
9. ميمبرشپ وغيره تان استعيفيٰ
Resignation from membership, etc
10. بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

11. ڊائريڪٽر جنرل

Director General

12. اڪيڊمي جي عملي جي عملدارن ۽ ميمبرن جي مقرري

Appointment of officers and members of the staff of the Academy

13. اڪيڊمي جو فنڊ

Fund of the Academy

14. بجيٽ رپورٽس وغيره

Budget reports, etc

15. سالياني رپورٽس وغيره

Annual reports, etc

16. ضابطا

Regulations

17. رنڊڪون هٽائڻ

Removal of difficulties

سنڌ آرڊيننس نمبر **XVIII** مجريه

1993

SINDH ORDINANCE NO.XVIII OF 1993

سنڌ جڊيشل اڪيڊمي آرڊيننس، **1993**

THE SINDH JUDICIAL

ACADEMY ORDINANCE, 1993

[25 نومبر 1993]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ صوبائي جڊيشل اڪيڊمي قائم ڪئي ويندي؛

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ صوبائي جڊيشل اڪيڊمي قائم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ جڊيشل اڪيڊمي آرڊيننس، 1993 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصف
Definition

2.(1)چاڻايل آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مقصد ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a)"اڪيڊمي" مطلب دفعه 3 تحت قائم ڪيل جڊيشل اڪيڊمي؛

(b)"بورڊ" مطلب دفعه 5 تحت جوڙيل اڪيڊمي جو بورڊ آف گورنرز؛

(c)"چيئرمين" مطلب برود جو چيئرمين، ۽ جنهن ۾ شامل آهي سندس طرفان بااختيار بڻايل شخص جيڪو سندس سمورا ڪم يا ڪي به ڪم ڪري؛

(d)"ڊائريڪٽر جنرل" مطلب اڪيڊمي جو ڊائريڪٽر

جنرل ۽ جنهن ۾ شامل آهي چيئرمين طرفان بااختيار بڻايل شخص، جيڪو ڊائريڪٽر جنرل جا سمورا ڪم سرانجام ڏئي؛

(e)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(f)"ماتحت عدليه جو ميمبر" مطلب هڪ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج، سينئر سول جج ۽ اسسٽنٽ سيشن جج، سول جج ۽ جڊيشل مئجسٽريٽ جتي به هجي؛

(g)"ضابطا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل ضابطا.

اڪيڊمي جو قيام
Establishment of the Academy

3.(1) هن آرڊيننس جي شروعات کان هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اڪيڊمي قائم ڪئي ويندي، جنهن کي سنڌ جڊيشل اڪيڊمي سڏيوويندو.

(2)اڪيڊمي بادي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي حقيقي وارثي ۽ ٻنهي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت نيڪال ڪرڻ ۽ ملڪيت حاصل ڪرڻ لاءِ عام مهر هوندي ۽ نالي سان ذيلي دفعه (1) تحت ڪيس ڪري سگهندو ۽ ڪيس ٿي سگهندو.

(3)اڪيڊمي جا هيڊڪوارٽرز ڪراچي ۾ هوندا.

اڪيڊمي جو ڪم
Function of the Academy

4.اڪيڊمي جا ڪم هن ريت هوندا:

(a)قانوني واقفيت، ماتحت عدليه جي ميمبرن جي تربيت، لا آفيسرز ۽ بار جا ميمبر؛

(b)ماتحت عدليه جي ميمبرنجي تعليم جاري رکڻ؛

(c)جڊيشل سسٽم ۽ عدالتي ڪم جي معيار کي سڌارڻ لاءِ ڪانفرنسز سيمينار، ورڪشاپس ۽ سمپوزيا ڪوٺائڻ؛

(d)قانوني ۽ آئيني تحقيق تي معلومات مهيا ڪرڻ؛

بورڊ
Board

(e)ماتحت عدالتن ۽ هاءِ ڪورٽ جي اسٽيبلشمينٽ جي ميمبرن جا ادارتي امتحان ڪوٺائڻ؛

(f)جرنلز، يادداشت ناما، تحقيقي پيپرز يا رپورٽون

شايع ڪرائڻ؛ ۽

(g)اهڙا ٻيا لاڳاپيل ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي بورڊ طرفان منظور ڪيا ويا هجن يا جيئن ان جي گهرجن موجب هجن.

5.(1) اڪيڊمي جي عام هدايت ۽ انتظام بورڊ وٽ هوندا، جيڪو ذيلي دفعه (2) تحت جوڙيو ويو هجي.

(2)بورڊ مشتمل هوندو:

(i)سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس	چيئرمين
(ii)سنڌ هاءِ ڪورٽ جو سينئر پائيسن جج	وائيس چيئرمين
(iii)اٽارني جنرل آف پاڪستان	ميمبر
(iv)قانون وارو وزير	ميمبر
(v)ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ	ميمبر
(vi)هڪ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشنز جج، جيڪو سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طرفان نامزد ڪيو ويندو.	ميمبر
(vii)هڪ بار جو سينئر ميمبر سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طرفان نامزد ڪيو ويندو.	ميمبر
(viii)هڪ لا ڪاليج جوپرنسيپال، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طرفان نامزد ڪيو ويندو.	ميمبر
(ix)سنڌ حڪومت جي قانون واري ڪاتي جو سيڪريٽري	ميمبر
(x)هڪ ناميارو عالم سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طرفان نامزد ڪيو ويندو،	ميمبر
(xi)هاءِ ڪورٽ جو رجسٽرار	ميمبر

بورڊ جا اختيار ۽ ڪم Powers and functions of the

(xii)اڪيڊمي جو ڊائريڪٽر جنرل	ميمبر/ سيڪريٽري

Board

(3)ڪا به آسامي، جا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ بورڊ جو ڪو به قدم يا ڪارروائي غير موثر نه ٿيندي.

(4)بورڊ جي ميمبرن جي آفيس جو مدو، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي جيستائين هٿايو نه وڃي، ٽي سال هوندو.

6.اڪيڊمي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ بورڊ ڪري سگهندو:

(a)اڪيڊمي جي معاملن تي عام نظرداري رکندو؛

(b)قانوني واقفيت لاءِ پاليسي ۽ پروگرام جوڙڻ، ماتحت عدليه جي ميمبرن، لا آفيسرز ۽ بار جي ميمبرن لاءِ تعليم ۽ تربيت جاري رکڻ ۽ تربيتي نصاب منظور ڪرڻ؛

(c)اڪيڊمي جي سرگرمين جي چنڊ چاڻ ڪرڻ ۽ اندازو لڳائڻ؛

(d)بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ؛

(e)وفاقي سرڪار، صوبائي سرڪار يا امداد ڏيندڙ ايجنسيز کان گرانٽس ۽ امداد وٺڻ؛

اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers

(f) اڪيڊمي طرفان سمورين حاصل ڪيل ۽ خرچ ڪيل رقمن جي اڪائونٽس لاءِ خاص ڪتاب جوڙڻ ۽ انهن جي آڊٽ اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ طرفان ڪرائڻ جو انتظام ڪرڻ؛

(g)عهدا پيداڪرڻ، ختم ڪرڻ يا ملتوي ڪرڻ؛

(h)اڪيڊمي جي اسٽاف جون ذميداريون بيان ڪرڻ؛

صلاحڪارن، مشيرن وغيره جي مقرري
Appointment of

(i)اهڙي اسٽاف جي ڪنهن ميمبر کي مقرر، معطل، سزاڏيڻ يا نوڪري تان برطرف ڪرڻ؛

(j)اڪيڊمي لاءِ ڪا به عمارت خريد ڪرڻ، پاڙي تي

وٽڻ، تعمير ڪرڻ يا تبديل ڪرڻ؛
(k)اڪيڊمي سان لاڳاپيل سمورا معاملا هلائڻ، طئي ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛ ۽
(l)اڪيڊمي جي سهولتن سان لاڳاپيل يا جڙيل ڪو به معاملو طئي ڪرڻ يا ڪو معاملو جيڪو ڊائريڪٽر جنرل بورڊ جي نوٽيس ۾ آڻي.

advisers; consultants, etc
ميمبرشپ وغيره تان استعيفيٰ
Resignation from membership, etc

7.بورڊ پنهنجا سمورا يا ڪي به اختيار ۽ ڪم چيئرمين، بورڊ جي ڪنهن ميمبر يا ڊائريڪٽر جنرل کي سونپي سگهي ٿو.
بشرطيڪ ڊائريڪٽر جنرل ايمرجنسي ۾، جيڪا سندس نظر ۾ تڪڙو قدم کڻڻ لاءِ ضروري هجي، چيئرمين جي اڳواٽ اجازت کانسواءِ قدم کڻي سگهي ٿو.

بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the board

8.بورڊ ڪنهن به شخص کي صلاحڪار، مشير يا ماهر اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪري سگهي ٿو جيئن طئي ڪري.

9.(1) بورڊ جو ڪو به ميمبر سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي ڪنهن به وقت پنهنجي هٿ اکرين چيئرمين کي استعيفيٰ اماڻي سگهي ٿو.
(2)ڪنهن ميمبر جي عهدي تي ڪنهن عارضي آسامي تي سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي چيئرمين طرفان ميمبر جي رهيل مدي لاءِ نامزدگي ڪئي ويندي.

ڊائريڪٽر جنرل
Director General

10.(1) بورڊ جون گڏجاڻيون چيئرمين طرفان ڪوٺايون ويندیون:
بشرطيڪ بورڊ جي گڏجاڻين وچ ۾ چهه مهينن کان وڌيڪ جو وقفو نه هجڻ گهرجي.

اڪيڊمي جي عملي جي عملدارن ۽ ميمبرن جي مقرري
Appointment of

(2)چيئرمين، يا سندس غير حاضري ۾، وائيس چيئرمين بورڊ جي گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندو.

(3)بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم پنج ميمبرز هوندو.

(4)بورڊ پنهنجي ميمبرز منجهان يا انهن کان علاوه وقت بوقت اهڙا ماڻهن جا ورڪنگ گروپس مقرر ڪري سگهي ٿو، جيئن اهو ضروري سمجهي ۽ انهن کي اڪيڊمي جي ڪمن سان لاڳاپيل ڪم سونپي سگهي ٿو.

officers and members of the staff of the Academy

اڪيڊمي جو فنڊ

Fund of the Academy

11.(1)ڊائريڪٽر جنرل بورڊ طرفان اهڙن شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو،جيئن اهو طئي ڪري ۽ بورڊ جي هدايتن تي ڪم سرانجام ڏيندو.

(2)گڊ آرڊر ۽ ڊسيپلين لاءِ ڊائريڪٽر جنرل ذميدار هوندو.

(3)ڊائريڪٽر جنرل اڪيڊمي جو پرنسيپال اڪائونٽنگ آفيسر هوندو.

12.(1)اڪيڊمي جي اسٽاف ۾ عملدارن ۽ ميمبرز جي مقرري سڌيءَ ريت پرتي، بدلي، ڊيپوٽيشن يا ٻئي طريقي اهڙن شرطن ۽ ضابطن تحت ڪئي ويندي جيئن بورڊ طئي ڪري.

بجيٽ رپورٽس وغيره

Budget reports, etc

(2)ڊائريڪٽر جنرل ڪري سگهي ٿو:

(a)بورڊ طرفان جوڙيل سليڪشن ڪميٽي جي سفارشن تي بنيادي پي اسڪيلز کان 16 تائين عهدنتي اسٽاف جا ميمبرز مقرر ڪري سگهي ٿو؛ ۽

(b)بورڊ طرفان جوڙيل سليڪشن ڪميٽي جي سفارشن تي چيئرمين کان اڳواٽ اجازت سان بنيادي پي اسڪيلز 17 ۽ مٿي عهدن تي عملدار مقرر ڪري سگهي ٿو.

سالياني رپورٽس وغيره

Annual reports,

13.(1) حڪومت وقت بوقت اڪيڊمي جي نيڪال تي فنڊز رکي سگهي ٿي ته جيئن اها موثر نموني

etc

ضابطا
Regulations

رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

معاملن کي هلائي سگهي.

(2)اڪيڊمي هيٺين ذريعن کان به مالي مدد وٺي سگهي ٿي:

(i)وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کان گرانٽس؛

(ii)ان جي اشاعتن جا اسڪيل يا رائلٽيز؛ ۽

(iii)قومي ۽ بين الاقوامي ايجنسيز کان امداد.

(3)اڪيڊمي جا فنڊز اڪيڊمي ۾ رهندا، ۽ اڪيڊمي جي ذاتي ليجر اڪائونٽ ۾ رکيا ويندا، جيڪي سرڪاري ٽريزري ۾ کوليا ويندا، يا چيئرمين جي منظوري سان شيڊول بئنڪ ۾ کوليا ويندا ۽ ڊائريڪٽر جنرل طرفان هلايا ويندا.

14.(1) ڊائريڪٽر جنرل هر مالي سال جي سلسلي ۾ بورڊ جي منظوري لاءِ اهڙي تاريخ کان ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي، ڪٿيل رسيدن، تازو ۽ ترقياتي خرچ تي ٻڌل اسٽيٽمينٽ ۽ رقمون جيڪي مالي سال دوران حڪومت کي گهربل هجن جمع ڪرائيندو.

(2)ڊائريڪٽر جنرل اهڙو ڪو به خرچ نه ڪندو جيڪو سالياني مالي بجيٽ ۾ فراهم نه ڪيو ويو هجي.

(3) اڪيڊمي جا اڪائونٽ، سنڌ جي اڪائونٽنٽ جنرل طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

15.(1) هر مالي سال جي ٻن مهينن دوران ڊائريڪٽر جنرل گذريل مالي سال دوران اڪيڊمي طرفان ڪيل مختلف سرگرمين جي سلسلي ۾ سالياني رپورٽ جمع ڪرائيندو، جنهن سان گڏ اڪيڊمي جي اڪائونٽس سان لاڳاپيل اڪائونٽنٽ جنرل آف سنڌ جي رپورٽ به هوندي.

(2)بورڊ اڪيڊمي جي فنڊز ۽ ان جي پروگرامز بابت

وقت بوقت حڪومت کي رپورٽ ڏيندو.
16.بورڊ هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿو.
17.جيڪڏهن هن آرڊيننس جي ڪنهن گنجائش جي لاڳو ٿيڻ ۾ ڪا رڪاوٽ اچي ته بورڊ اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿو جيڪو هن آرڊيننس جي متضاد نه هجي، نه ئي هن آرڊيننس جي ايڪسپريس گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ هجي، جيئن اهو رڪاوٽ هٽائڻ لاءِ مناسب سمجهي.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.